# تاريخ جو فلسفو



ڊاڪٽر مبارڪ علي

اعجاز قريشي

# تاريخ جو فلسفو

( مضمون )

ڊاڪٽر مبارڪ علي

سنڌيڪار: اعجاز قريشي

قيمت ٦ روپيه

رابيل ادبي اڪيڊمي

حيدرآباد سنڌ

رابيل ڪتاب نمبر ٣٧
(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

ڇاپو:- پهريون
اشاعت جي تاريخ: سيپٽمبر ١٩٨٥ع
ڇپائيندڙ:- نظام عباسي
ڇپيندڙ:- نيرنگ آرٽ پريس حيدرآباد
ڪيليگرافي:- محمد علي سهتو
قيمت:- ڇهه روپيه
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو

گهرائڻ لاءِ
رابيل ادبي اڪيڊمي
٣/٧ منظور چيمبر
گاڏي کاتو حيدرآباد

---

Tarikh Jo Filsafo (Philosophy of history) Written by Dr: Mubark Ali. Professor Dept: of Genral History Sind University. Translated by Ajaz Qureshi Associate Professor Dept: of Economics, Sind University.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ـ مهاڳ | اعجاز قريشي | ۴ |
| ـ تاريخ ۽ تاريخ جو فلسفو | | ۹ |
| ـ تاريخ جا نقصان ۽ فائدا | | ۲۱ |
| ـ تاريخ ۽ تبديلي | | ۳۴ |
| ـ تاريخ ۽ ترقي | | ۳۹ |
| ـ تاريخ ۽ تقدير | | ۴۳ |
| ـ تاريخ ۽ سازش | | ۴۵ |
| ـ تاريخ ۾ جيڪڏهن ۽ پر | | ۴۸ |
| ـ زباني ۽ لکيل تاريخ | | ۵۱ |
| ـ تاريخ ۽ گردش جا نظريا | | ۵۵ |
| ـ تاريخ ۽ ترقيءَ جو نظريو. | | ٦٨ |

# -مهاڳ-

ماڻهو پنهنجي لکن سالن جي تاريخ ۾ ڪن مختلف ارتقائي مرحلن مان گذريو آهي. سڀ کان پهريائين سندس زندگيءَ ۾ جيڪا ارتقا ٿي، سا آهي سندس جانور کان ماڻهو جي پد تائين پهچڻ جي ارتقا. اها ارتقا لکها سالن تي ڦهليل آهي. انهيءَ جي نتيجي ۾ ماڻهوءَ ۽ جانور جي وچ ۾ جيڪو بنيادي فرق پيدا ٿيو، سو هيءُ ته "ماڻهو سوچي به سگهي ٿو." ماڻهو جو عمل رڳو پنهنجين جبلتن هٿ وس نه آهي، پر هو پنهنجي آسپاس ۽ ماحول مان حاصل ڪيل علم جي بنياد تي پنهنجي ڀلي ۽ بهتري لاءِ سوچي، سمجهي عمل به ڪري سگهي ٿو.

ٻيو ارتقائي مرحلو جنهن مان انسان گذريو آهي، سو آهي انهيءَ سماج جي ارتقا جنهن ۾ هو پاڻ جهڙن ٻين سان گڏجي رهي ٿو. انساني سماج، انساني ارتقا جي تمام شروعاتي دور ۾ ئي جنم وٺي چڪو هو، ڇاڪاڻ ته انسان لاءِ اڄ کان هزار سال اڳ فطرت جي بي لغام قوتن سان منهن ڏيڻ لاءِ گڏ رهڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو ڪونه هو. هر ڪنهن ماڻهو کي پنهنجي، اڪيلي جي، وجود، بقا ۽ فائدي لاءِ ٻين جي، گڏيل مدد درڪار هئي، تنهنڪري انساني سماج جو ڄمڻ اٽل هو.

۽ سماج طبقن ۾ ورهائجي ويو. سماج جي اها طبقاتي ورهاست اڄا تائين دنيا جي وڏي حصي ۾ ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ هلندي ٿي اچي، پر هڪ ڳالهه جيڪا انهن سڀني طبقاتي سماجن ۾ هڪجهڙي آهي سا هي ته ماڻهن جي گهڻائي پوڳي ٿي ۽ ٿورائي ماڻي ٿي. تنهن ڪري لازمي طرح انهي ٿورائيءَ جو سڀ کان وڏي ۾ وڏو مقصد انهيءَ سماج کي بچائڻ آهي.

جيئن ته پاڻ اڳ ۾ بيان ڪري چڪا آهيون ته ماڻهوءَ کي جيڪا ڳالهه باقي جانورن کان ڌار ٿي ڪري سا آهي سندس شعور، "جيڪو پاڻ ائين جو ڪائي ٿو سو سڀ سمجهي ٿو"، هاڻي ظاهر ته ڪوبه ماڻهو ائين سمجهي ته ڪو ٻيو مون سان زيادتي ٿو ڪري ڪيئن آمنا صدقنا ڪندو، ڪيئن پورهيو ڪري پنهنجي لاءِ عذاب ڳنهندو. ان ڪري انهن ٿورائي وارن ماڻهن پنهنجي قدرت کي برقرار رکڻ لاءِ ڪي عمومي گس ۽ واٽون ڳولي ڪيون.

انهن مان سڀني کان اهم هي آهي ته ڦرندڙ اهو محسوس ڪري نه اهو جيڪي ڪجهه وهي واپري ٿو اهو بلڪل جائز ۽ انصاف آهي. تنهنڪري انهي ٿورائي وارن، اعزا خيال جوڙيا ۽ انهن کي پنهنجن مڙني قوتن ۽ وسيلن ذريعي گهڻائي جي ذهن تي مڙهيو ته اهو جيڪي ڪجهه آهي سو درست ۽ جائز آهي.

اهو سڀ ڪجهه، فطري ۽ مثالهين جي مرضي

تاريخ ۾ عوام جي اڪثريت جي جدوجهد، انهن جي ڪردار ۽ انهن سان ٿيندڙ ڏاڍاين جو ذڪر پنهنجن لکيل تاريخن ۾ ڪيو اٿس. جيئن تہ هر ماڻهو لاءِ پنهنجي چونڪاري لاءِ تاريخ ۽ تاريخ جي فلسفي کي صحيح نموني ۽ صحيح نقطہ نظر کان سمجهڻ ضروري آهي، تنهن ڪري ڊاڪٽر مبارڪ پنهنجي هن ڪتاب ۾ ڏاڍي عالمانہ نموني ۽ ڏاڍي سادگيءَ ۽ رواني سان تاريخ جي فلسفي جي مختلف مسئلن ۽ پهلوئن جو جائزو ورتو آهي ۽ ان سلسلي ۾ جيڪي، مکيہ خيال رهيا آهن، انهن سڀني کي پڙهندڙن آڏو رکندي، تاريخ جي روشن خيال فلسفي کي وڌيڪ ويجهو ڪيو اٿس، ۽ سندس انهيءَ لکڻي مان تاريخ کي سمجهڻ ۽ تاريخ جي مدي خارج نظرين جون ڪوتاهيون پڻ ظاهر ٿي پيون آهن. اسان اميد ٿا ڪيون تہ ڊاڪٽر مبارڪ جي هي ڪوشش، پڙهندڙن جي علم ۽ عقل وڌائڻ ۾ چڱو ڪردار ادا ڪندي.

آءٌ ادي تنوير جوڻيجو، پنهنجن پيارن دوستن لکومل، حميد ڀارس، رسول بخش مگسي ۽ نظام عباسي جو ٿورائتو آهيان جن منهنجي هن ڪتاب جي جوڙڻ ۽ ڇپائي ۾ مدد ڪئي.

اعجاز قريشي
ايسوسيئيٽ پروفيسر
اقتصاديات کاتو
سنڌيونيورسٽي ڄامشورو

١٠ سيپٽمبر ١٩٨٥ع

# تاريخ ۽ تاريخ جو فلسفو

لغت ۾ تاريخ جي معنيٰ آهي ”وقت جو ڏس ڏيڻ“ يا ”وقت ٻڌائڻ“، اصطلاحن ۾ جي معنيٰ آهي ”وقت ٻڌائي احوال کي مقرر ڪرڻ.“ ماضي ۾ ٿيندڙ واقعن جن تاريخ ۾ ڪا تبديلي ڪئي هجي يا جن جي سياسي، معاشي ۽ معاشرتي اهميت هجي، اهڙن واقعن کي ترتيب ڏيئي ۽ گڏ ڪري سان بيان ڪرڻ علم تاريخ جي دائري ۾ اچي ٿو. اهي اهم موضوع جيڪي تاريخ جي تشڪيل ڪن ٿا انهن ۾ وڏين شخصيتن جي پيدائش ۽ وفات، قومن، حڪمرانن ۽ شهرن جي تاريخ، جنگيون، فتحون ۽ شڪستون، عمارتن جون اڏاوتون، زميني ۽ آسماني حادثا مثال طور ڏڪار، وبا، زلزلا، سج ۽ چنڊ گرهڻ ۽ سيلاب، عجيب ۽ غريب واقعا جيڪي انسان جي لاءِ حيرت جو سبب ٿيا هجن، سماجي ۽ ثقافتي حالتون، رسمون ۽ رواج، موسيقي، ناچ، مصوري ۽ ادب اچي وڃن ٿا. تاريخ لکندڙ انهن واقعن کي گڏ ڪري انهن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري ٿو. ابتڙ واقعن جو تجزيو ڪري ٿو ۽ ڪوشش ڪري ٿو ته صحيح واقعن کي ظاهر ڪيو وڃي.

تاريخ تبديل ٿيڻ وارو علم آهي. ڇو ته نون مسودن،

نين شاهدين ۽ نون آثارن ظاهر ٿيڻ جي سبب نه رڳو نون واقعن ۾ اضافو ٿئي ٿو، پر انهن واقعن جي روشني ۾ تاريخدان جي راءِ ۽ فيصلا به تبديل ٿيندا رهن ٿا. مثال طور هندستان ۾ مسلمانن جي دؤر جي تاريخ ۾ محمد تغلق پنهنجن سدارن ۽ منصوبن جي سبب "مجموعہ اضداد" سڏيو ويو ۽ هاڻي نئين تحقيق جي روشني ۾ هي ثابت ٿي ويو ته انهيءَ جا منصوبا خيالي نه هئا. علاؤالدين ۽ پدمڻي جي متعلق جيڪي ڪهاڻيون مشهور هيون، هاڻ تاريخدانن انهن کي فرضي ثابت ڪري ڇڏيو آهي. انهي طرح يورپ جي تاريخ ۾ ميٽرنڪ، بسمارڪ ۽ ٻين شخصيتن جي متعلق نون واقعن جي روشني ۾ راءِ تبديل ٿي آهي. شخصي حڪومتن جي زماني ۾ حڪمران دربار ۾ تاريخدانن کي نوڪر ڪري رکندا هئا جيڪي انهن جي دؤر ۽ حڪومت ۾ ٿيندڙ واقعن کي لکندا هئا. انهن جي خواهش هوندي هئي ته تاريخ ۾ انهن جو نالو ۽ ڪارناما محفوظ رهن. انهن تاريخن کان سواءِ تاريخ لکندڙ پنهنجي ذاتي پسند يا نا پسند جي بنياد تي به تاريخ لکندا هئا. اهڙيون تاريخون جيڪي ذاتي مشاهدن ۽ تجربن جي روشني ۾ لکيون ويون "اصل" سڏبيون آهن ۽ ڪنهن خاص دور جو مواد فراهم ڪن ٿيون. انهي کان پوءِ ايندڙ تاريخدان "اصلن" جي روشني ۾ واقعن جو تجزيو ڪري ۽ تنقيدي نظر سان جائزو

وٺي انهي لائق ٿين ٿا جو تاريخ کي حقيقت پسندي سان بيان ڪري سگهن.

انسان کي تاريخ سان انهيءَ ڪري دلچسپي آهي جو اها سندس پنهنجي تاريخ آهي ۽ جڏهن هو تاريخ ۾ ٿيندڙ واقعن ۽ تاريخي بيانن کي پڙهي ٿو ته انهي ۾ هن کي پنهنجو عڪس نظر اچي ٿو. مارڪس چوي ٿو ته:-

"تاريخ ڪجهه به نٿي ڪري، هن وٽ گهڻي ملڪيت نه آهي. هي ڪا جنگ نٿي وڙهي. هي انسان آهي، حقيقي انسان، جيڪو سڀ ڪم ڪري ٿو ۽ جيڪو هر عمل تي قادر آهي."

تاريخ ۾ تاريخدان جو تخيل، هن جي بيان ڪرڻ جو طريقو ۽ هن جي لکڻ جو نمونو اهي جزا آهن جيڪي واقعن کي زنده ڪري ڇڏين ٿا ۽ پڙهڻ وارو محسوس ڪري ٿو ته هي واقعا هن جي سامهون ٿي رهيا آهن ۽ هو نه رڳو واقعن کي ڏسي رهيو آهي، پر پاڻ به ان جو هڪ حصو آهي. ماضي جيڪو بند ڪتاب وانگر هوندو آهي. تاريخ ان کي کولي روشني ۾ ڪٺي اچي ٿي.

انساني تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ، ماضي جا واقعا، انهن واقعن جو پس منظر، سبب ۽ نتيجي جي مطالع کان پوءِ مفڪرن تاريخ جي وسيلي فڪر جي راهه کي مقرر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جاڏزو ورتو ته:-

تاريخ جي مطالع مان انسان ڪجهه سکي ٿو يا نه؟ ڇا هي حقيقت جي ڳولا ۾ مدد ڪري ٿي؟ ڇا تاريخ جو پنهنجو ڪو منصوبو آهي، جنهن جي اها پورائو ڪري رهي آهي؟ ڇا تاريخ جا اهڙا قانون آهن جن جي تحت تاريخ جو وهڪرو روان دوان آهي؟ ڇا تاريخ ترقي جي طرف وڌي رهي آهي ۽ ڇا هي ترقي مسلسل آهي يا ان ۾ جڳهه جڳهه تي رڪاوٽون اچي وڃن ٿيون؟ ڇا انسان تقدير جي هٿان بيوس آهي يا انسان پنهنجي تاريخ پاڻ تعمير ڪرڻ تي خود مختيار آهي؟ انهن سوالن جا جواب تاريخ جي ذريعي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

تاريخ جو فلسفو، تاريخي واقعن جي انبار مان انساني ذهن، شعور ۽ فڪر جي ترقي جو مطالعو ڪري ٿو ۽ انهن واقعن جي پٺيان جيڪي سبب ڪم ڪري رهيا هئا، انهن تان پردو هٽائي ڇڏي ٿو ۽ انساني ذهن ۽ دماغ جي تهن ۾ جيڪو لڪل هو انهي کي ڇڪي ٻاهر آڻي ٿو جنهن جي ڪري تاريخي واقعا اسان جي سامهون پنهنجي اصلي شڪل، صورت ۽ صحيح حالت ۾ اڀري سامهون اچن ٿا. انهي لاءِ تاريخ کي پڙهڻ جي لاءِ تاريخ جي فلسفي جي ضرورت آهي، جنهن جي ڄاڻ کان سواءِ تاريخ ۽ تاريخي واقعن جي اصليت ۽ وضاحت کان واقف نٿو ٿي سگهجي. تاريخ جي فلسفي جي مدد سان اسين انساني تاريخ جو نئون رخ تنقيدي

نظر کان جاچڻ وٺي سگهون ٿا، پر هي به سمجهي سگهون ٿا ته مختلف دورن ۾ مختلف نظرين ۽ عقيدن جي تحت جيڪي تاريخون لکيون ويون آهن. انهن جا موضوع ڇا هئا ۽ ڪهڙن مقصدن جي ڪري لکيون ويون هيون. انهن جي مدد سان اسين تاريخي ارتقا سان گڏوگڏ انساني ذهن جي ارتقا جو به مطالعو ڪري سگهون ٿا.

شروعاتي مشرقي تاريخون ديوي، ديوتائن، جي مافوق‌الفطرت ڪارنامن ۽ داستانن تي ٻڌل آهن. انهي لاءِ انهن تاريخن ۾ ديوي ۽ ديوتائن جي عظمت اجاگر ڪئي وئي آهي ۽ انساني عمل گم آهي. انهي الهياتي تاريخ سان انساني ذهن ۽ انهي جي ارتقا جو اندازو ٿئي ٿو ته انهي شروعاتي دور ۾ انسان جي لاءِ فطرت هڪ سربستو راز هئي ۽ انهيءَ لاءِ اهي سڀئي زميني ۽ آسماني حادثن ۽ واقعن کي ديوي ۽ ديوتائن سان لاڳاپيندا رهيا. انهن تاريخن ۾ سڄي قوت ۽ طاقت ديوتائن وٽ هئي ۽ انسان جي حيثيت محض انهن جي هٿ ٺوڪئي جهڙي آهي.

سڀ کان پهريائين يوناني تاريخ جو شعور حاصل ڪيو، انسان ۽ فطرت جي تصادم جي ذريعي تاريخ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، فطرت جي تبديلي ۽ ڦيرڦار ۾ انهن انسان جي تبديلي ۽ ڦيرڦار کي ڏٺو، موسمن جو تبديل ٿيڻ ۽ مقرر وقت تي سرءُ، بهار، گرمي ۽

انسان ۽ فطرت ۽ طبقاتي تصادم جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ واقعن کي بي نقاب ڪيو آهي. تاريخي ماديت معاشري جي تاريخ ۽ فطرت جي تاريخ ۾ بنيادي فرق ڏيکاريندي انهي ڳالهه جي طرف اشارو ڪري ٿي ته جيئن فطرت شعور نٿي رکي انهي جي لاءِ انهي جو ارتقا طبعي ٿئي ٿو، پر معاشري جو شعور انهن نظرين مان جنم وٺي ٿو. جيڪو وقت به وقت ۽ ڏاڪي به ڏاڪي معاشري ۾ پيدا ٿين ٿا.

انسان محنت ۽ شعوري قوتن جي ذريعي فطرت کي تبديل ڪري ٿو ۽ انهي کي پنهنجي هٿ وس ڪري ٿو. انساني دماغ ۽ هٿ انهي جي محنت جا اوزار آهن. جن جي حيثيت پيداواري نظام ۾ هڏين ۽ عضون جي هوندي آهي، محنت جا اوزار محنت جي ذريعن کي ترتيب ڏيندا آهن ۽ اهي ٻئي ملي ڪري پيداوار جي ذريعن کي وڌائين ٿا. پيداواري قوتن جي ذريعي انسان ۽ فطرت جي لاڳاپن جو پتو پوي ٿو ته انسان محنت ۽ مشقت جي وسيلي ڇا ڇا تبديليون ڪيون ڇو ته انسان نوان نوان اوزار ايجاد ڪيا ته جيئن گهٽ محنت سان هو گهڻي پيداوار حاصل ڪري سگهي.

انساني تاريخ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته پيداواري قوتون پيداواري لاڳاپن کي جنم ڏين ٿيون. جيئن ته وقت سان گڏوگڏ پيداواري قوتون به بدلبيون

رهن ٿيون، انهي لاء ان سان گڏوگڏ تعلقات بہ بدلبا رهندا آهن. جڏهن پيداواري لاڳاپا پيداواري قوتن جو ساٿ نہ ٿا ڏيئي سگهن تہ لاڳاپن جي خرابي جي نتيجي ۾ اندروني تصادم ٿئي ٿـو ۽ جيئن پيداواري قوتـون اڳيان وڌن ٿيون تہ لاڳاپا پٺيان رهجي وڃـن ٿا ۽ ڪوشش ڪن ٿا تہ ان جي ترقي ۾ رڪاوٽ وجهن. انهي مرحلي تي پيداواري قوتن ۽ لاڳاپن ڪي نئين سر جوڙڻ جي ضرورت ٿئي ٿـي ۽ اها جوڙ جڪ سماجي انقلاب جـي ذريعي ٿئي ٿي. ڇو تہ پيداواري طريقو سماجي زندگي جـو بنياد آهـي. انهيء لاء تاريخ کي پيداوار جي ترقي جي ذريعي سمجهي سگهجي ٿو.

تاريخ جو فلسفو، تـاريخ کي هڪ وسيع نقطہ نظر سان ڏسي ٿو ۽ ان فڪري موضوعن کـي ڳولي اٿي ٿو جيڪي تاريخي واقعن جي تهہ ۾ لڪل هوندا آهن. مثلاً عبرت جـو احساس پيدا ڪـرڻ، ڪاميابـي ۽ ناڪاميابي جو تصور، قومن جو عـروج ۽ زوال، خـدا جي منصوبن جو پورائو، تقديـر ۽ حالتن جـي قوت، قرآن جي عظمت، نيڪي، ۽ بدي جو ٽڪر، قومن ۽ نسلن جي برتري، انسان ۽ فطرت جو ٽڪر، انسانـي فطرت جو ڦير گهير ۽ تبديلي.

انهن موضوعن جي وسيلي تاريخ جـو فلسفو انهن قانونن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جيڪي تاريخي واقعن جي تهہ ۾ لڪل هوندا آهـن يا انهن منصوبن

رجعت پسند ۽ ترقي پسند قوتن جي ڪشمڪش ڪان پوءِ اها اڳيان وڌندي رهندي آهي.

تاريخ ۽ تاريخ جو فلسفي پنهنجي ماضي جي واقعن جو تجزيو ڪري انساني سمجهه ۽ ڏاهپ ۾ نه رڳو اضافو ڪندا آهن، پر انهي ڪي شعور به ڏين ٿا، جنهن سان حال ۽ مستقبل کي سنوارڻ ۾ مدد ملي ٿي.

# تاريخ جا نقصان ۽ فائدا

جڏهن کان تاريخ جو علم وجود ۾ آيو آهي ۽ انسان پنهنجي ماضيءَ جي يادن کي لکڻ شروع ڪيو آهي تڏهن کان وٺي مؤرخ ۽ تاريخدان واقعن کي بيان ڪرڻ وقت پنهنجي پسند، نا پسند، تعصب، نفرت ۽ محبت ۽ پنهنجي ذاتي راءِ کي به ان ۾ سمائي ڇڏي ٿو. ذاتي جذبات کانسواءِ مؤرخ قومي، نسلي ۽ مذهبي نقطهءِ نظر سان به تاريخي واقعن کي ڏسي ۽ پرکي ٿو. مطلب ته تاريخ هر دور جي معاشري جي پوري عڪاسي ڪري ٿي ۽ ان جي ذريعي معاشري جي ذهنيت کي سمجهي سگهجي ٿو. تاريخ انساني معاشري ڪي ٻئي ناڪاري ۽ هاڪاري اثر وجهي ٿي. ناڪاري اثرن ۾ سڀ کان اهم اثر نفرت، عداوت، تعصب ۽ دشمني وارو اثر آهي جيڪو دنيا جي قومن ۾ جٽاءُ دار آهي، مختلف قومن جي وچ ۾ خونريز جنگيون، لڙايون، فتح ۽ شڪست هڪ قوم جي ٻي قوم هٿان ذليل ۽ خراب ٿيڻ، باهمي رقابت، دشمني جي بنياد تي معاشي ۽ سياسي نقصان ڪٿڻ انهيءَ جو منفي اثر آهي.

اهي آهي واقعا آهن جيڪي تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ رهندا آهن. قومن ۽ معاشرن جي وچ ۾ انهن تلخ

يادن کي برقرار رکندا آهن. مثال طور، يورپ جي ڏاريخ ۾، انگلنڊ ۽ فرانس، فرانس ۽ جرمني، جرمني ۽ اتحادي ملڪن ۾ ٿيل جنگيون، دشمنيون، شڪستون ۽ انهن جي نتيجي ۾ ٿيندڙ معاهدا ناانصافين جي ياد تازي ڪن ٿا. عيسائين ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ٿيندڙ صليبي جنگيون، ترڪن ۽ بلغان جي عيسائي رياستن جي وچ ۾ باهمي محاذ آرائيون اڄ تائين عيسائين ۽ مسلمانن کي هڪ ٻئي کان بدظن ڪري رکيو آهي. اڄڪلهه جي دؤر ۾ يورپ طرفان نوآبادين سان سلوڪ تاريخ جي ذريعي هڪ نسل کان ٻئي نسل ۾ اچي رهيو آهي.

ماضي جون اهي تلخ يادون، جيڪي ڏاريخ جي صفحن ۾ محفوظ آهن، قومن ۽ سماجن جي وچ ۾ نفرت ۽ عداوتن کي اڃا تائين برقرار رکيو اچن ۽ دنيا کي امن ۽ آشتي جي بجاءِ جنگين ۽ خونريزين ڏانهن گهلي وڃي رهيون آهن.

تاريخ ماضيءَ جي شاندار ۽ دلڪش تصوير پيش ڪري ٿي ۽ ماضي جي اها دلڪشي خصوصيت سان زوال پذير معاشري جي ترقي ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري ٿي، ڇاڪاڻ ته رجعت پرست ۽ قدامت پرست تاريخ جي مدد سان پنهنجي نظرئي جي حمايت ۾ دليل ڏين ٿا. بحالي جون تحريڪون حال جي مسئلن جو حل ماضيءَ ۾ ڳوليندڙ آهن ۽ عوام جي شعور ۽ ترقي جي، جذبي کي روڪي ٻيهر معاشري کي ماضي جي ڏنڌلي

جون روايتون، بيڪار ۽ فرسوده ٿي وينديون آهن تڏهن انهن کي ڊوڙڻ جي ضرورت هوندي آهي. ان وقت باغي ماڻهو ان ضرورت کي پورو ڪندا آهن، پر هنن جي پنهنجي زندگي ان بغاوت جي نذر ٿي ويندي آهي ۽ صرف ايندڙ دور انهن جي قربانين جو قدر ڪندو آهي.

تاريخ منفي ۽ مثبت ٻئي نظريا رکي ٿي، پر ان جو مطالعو انساني ذهن کي وسعت ۽ ڪشادگي بخشيندو آهي ۽ انساني ذهن کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيندو آهي.

# تاريخ ۾ فرد جو ڪردار

تاريخ هر دور جي ذهن جي عڪاسي ۽ نمائندگي ڪري ٿي. تاريخ جي لکيل حيثيت تڏهن ڪان عمل ۾ آئي، جڏهن ڪان انساني معاشري ۾ شخصي حڪومتون قائم ٿيون ۽ اقليت اقتدار تي قبضو ڪري اڪثريت کي پنهنجو تابعدار بنايو. ان ڪان پوءِ اقليت جي اها ڪوشش رهي آهي ته پنهنجي اقتدار ۽ پنهنجي اثر رسوخ برقرار رکڻ لاءِ مختلف روايتن، قدرن ۽ ادارن ذريعي عوام کي اهو تاثر ڏئي ته اقليت ذهني ۽ جسماني طرح عوام کان مٿاهين آهي انهي ڪري سندس تابعداري يا اطاعت ڪرڻ سڄي عوام جو اخلاقي ۽ قانوني فرض آهي.

پنهنجي شخصيت کي اڀارڻ لاءِ انهن علم ۽ ادب کي به استعمال ڪيو، شاعرن انهن جي شان ۾ قصيدا لکي انهن جي ذات کي زنده رکڻ جي ڪوشش ڪئي، مؤرخن انهن جي ڪارنامن کي بيان ڪري انهن کي تاريخ ساز بنايو. تاريخ ۾ شخصن يا فردن جي ڪردار کي ايتري قدر اڀاريو ويو آهي جو ڪيترن ماڻهن وٽ تاريخ عظيم شخصن جي سوانح حيات کان وڌيڪ ڪجهه به نه آهي. شروعات ۾ سياسي شخصيتن کي تاريخ ۾

وڏيڪ اهميت هوندي هئي، ڇو ته اهي اقتدار ۽ طاقت جا مالڪ هئا ۽ مورخن جون خدمتون حاصل ڪري سگهندا هئا. اهڙي طرح انهن سياسي شخصيتن کي هر دور ۾ تاريخ جو مرڪز بڻائي تاريخ جا جوڙيندڙ قرار ڏنو ويو. انهن شخصيتن ۾ حڪمران، وزير، فوجي جنرل امير ۽ جاگيردار شامل هوندا هئا. سندن ڪارنامن ۾ جنگيون، فتحون، ملڪ جو انتظام ۽ علم ادب جون خدمتون اچي وينديون هيون. ٿوري وقت کان پوءِ سياسي شخصيتن سان گڏوگڏ مذهبي، علمي ۽ ادبي شخصيتون ۽ سائنسدانن کي به شامل ڪيو ويو. انهن کي شامل ڪرڻ سان تاريخ جو دائرو وڌي وسيع ته ٿيو، پر تاريخ ۾ جيڪي سماجي، معاشي ۽ معاشرتي قوتن جي هجڻ سان جيڪي اثر پيدا ٿيا انهن جو تجزيو يا ڇيد نه ڪيو ويو.

مفڪرن جو هڪ طبقو، تاريخ ۾ فردن ۽ عظيم شخصيتن جي قوت ۽ طاقت جو قائل آهي ۽ انهن کي ئي تاريخ ساز، تاريخ تعمير ڪندڙ ۽ تاريخ جو رخ موڙيندڙ قرار ڏئي ٿو ۽ عوام کي محض سندن تابيعدار سمجهي ٿو. سندن خيال موجب شخصيتون عوام کي رستو ڏيکارين ٿيون ۽ انهن کي شعور ۽ روشني ڏين ٿيون. انهي ڪري تاريخي تبديليون انهن شخصيتن جي طفيل ٿين ٿيون. ڪارلائيل اهڙين ئي شخصيتن کي تاريخ ۾ اهميت ڏيئي ٿو جن مذهب، سياست، علم ۽

ادب ۾ فڪر انگيز انقلاب آڻي تاريخ کي نئون موڙ ڏنو. انهي ڪري "تخليقي شخصيت"، "مرد ڪامل" ۽ "سپرمين" جي اصطلاحن جي ذريعي تاريخ ۾ فردن ۽ شخصيتن کي بيان ڪري تاريخ جي سڄي ساري عمل کي انهن سان منسوب ڪيو ويو ۽ عوام کي فقط انهن جو تابعدار ۽ پوئلڳ بنايو ويو. جيڪي مفڪر ۽ مورخ تاريخ ۾ شخصيتن ۽ فردن کي اهميت ڏين ٿا، انهن ۾ جمهوريت بابت دشمني جا جذبا ڏٺا وڃن ٿا ۽ اهي هر انهي حڪومت ۽ نظام جي خلاف هوندا آهن جنهن ۾ اقتدار فردن جي هٿن مان نڪري عوام جي هٿن ۾ پهچي وڃي. اهي صرف "تخليقي شخصيتن" ۽ "تخليقي اقليت" کي ئي ذهن ۽ شعور جو مالڪ سمجهن ٿا. انهي ڪري وٽن مساوات، برابري آزادي ۽ اجتماعيت لاءِ نفرت ۽ مخالفت هوندي آهي.

ايشيا ۽ آفريقا جي ملڪن ۾ جڏهن يورپي قومن جي خلاف آزادي جون تحريڪون هليون ته ان ۾ به شخصيتن ۽ عظيم فردن جي ڪردار کي غلط رنگ ۾ پيش ڪيو ويو ۽ هزارين ماڻهن جي قربانين کي نظر انداز ڪري ڪاميابي جو سهرو چند فردن جي مٿي تي رکيو ويو، ڇو ته رهنما فرد اقليت جي نمائندگي ڪري رهيا هئا ۽ انهن فردن جي فڪر، نظرين ۽ تعليم جي ڪري انهي اقليت کي فائدو پهچندو رهيو ان لاءِ انهن

فردن کي مقدس سمجهي سندن نظرين‌کي آسماني درجو ڏيئي پنهنجن فائدن کي برقرار رکيو.

تاريخ ۾ شخصيتن ۽ فردن جي تاريخ ساز ڪردار کي اهميت ڏيڻ سان اهو اثر ٿيو جو عوام ۽ معاشري جي اڪثريت مان خود اعتمادي جو جذبو ختم ٿي ويو ۽ جڏهن به معاشرو لوڏن ۾ آيو يا ان لاءِ ڪي مسئلا پيدا ٿيا ته ماڻهن ان وقت اها توقع ڪئي ته ڪا نه ڪا شخصيت چاڻ پيدا ٿي جا سندن مسئلن ڪي حل ڪري ڇڏيندي. ڏک صرف ان ڳالهه جو رهيو آهي ته اهڙي شخصيت جي پيدا ٿيڻ جي آسري ۾ ماڻهو ظلم ۽ اذيت، تڪليف ۽ ڏک، غربت ۽ جهالت کي سهندا رهيا ۽ ڪيترائي نسل انهي ايندڙ اميد ۽ آسري تي پنهنجون زندگيون قربان ڪندا رهيا ته ڪو ايندو ۽ کين تمام ظلمن ۽ تڪليفن کان ڇوٽڪارو ڏيئاري دنيا ۾ امن ۽ انصاف قائم ڪري ڇڏيندو. انهي تصور ماڻهن جي قوت ۽ طاقت واري عمل کي ختم ڪري کين انهي ڳالهه تي آماده ڪري ڇڏيو ته هر ظلم کي خاموشي سان سهو ۽ ظلم جي خلاف ڪنهن به قسم جي مزاحمت نه ڪريو ۽ اهو ئي سبب هو جو دنيا ۾ ظالم ۽ آمر ڪاميابي ۽ ڪامراني سان حڪومت ڪندا رهيا.

تاريخ جو هي نقطهٔ نظر اهو آهي ته عظيم شخصيتون بذات خود ڪجهه به نه آهن، پر اهي حالتن جي پيداوار

هونديون آهن. هيگل اهڙين شخصيتن جي پيدا ٿيڻ ۽ سندن عمل کي فطرت ڏانهن منسوب ڪري ٿو. فطرت پنهنجي رٿائن کي پوري ڪرڻ لاءِ انهن شخصيتن کي پيدا ڪري ٿي ۽ جڏهن فطرت سندن ذريعي پنهنجي رٿائن کي مڪمل ڪري ڇڏي ٿي ته پوءِ انهن کي بيڪار بنائي هڪڙي پاسي اڇلي ڇڏي ٿي. نيپولين اهڙو مثال آهي. جڏهن سندس سڀ صلاحيتون ختم ٿيون ته پاڻ پنهنجا آخري ڏينهن سينٽ هيلينا ۾ بحيثيت قيدي جي گذاريا. نيپولين پنهنجي دور ۾ فرانس جي عظمت ۽ پنهنجي ذاتي شان و شوڪت لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو. جڏهن سندس ڪيل جنگين جا اثر سندس ڏي منصوبن جي خلاف ظاهر ٿيا ۽ يورپ ۾ شڪستن جي رد عمل تحت جڏهين قوميتن جون تحريڪون شروع ٿيون تڏهن انهن يورپ جي تاريخ کي بدلائي ڇڏيو. اهڙي طرح هٽلر جي عروج ۽ زوال جي نتيجي ۾ جيتوڻيڪ اتحادي طاقتن کي ڪاميابي ته حاصل ٿي، مگر جنگ سندن قوت ۽ طاقت کي نپوڙي ڇڏيو ۽ سندن ڪمزوري سبب نوآبادين ۾ آزاديءَ جون تحريڪون ڪاميابي سان شروع ٿيون. مارڪس جي نظرئي پٽاندڙ فرد تاريخ جي معروضي عمل کي پنهنجي مرضي سان نٿا بدلي سگهن. عظيم ماڻهو اتفاق سان پيدا ڪو نه ٿيندا آهن، پر اهي تاريخ جي ضرورت تحت پيدا ٿيندا

۽ مشقت ڪري اقليت کي اهڙا موقعا ڏنا جو انهن پنهنجي سياسي، مذهبي، علمي ادبي تخليقن ذريعي تاريخ جي وهڪري کي اڳيان وڌايو. ان لاءِ مؤرخ انهي سوال پڇڻ ۾ حق بجانب آهن ته ڇا جيڪڏهن يونان ۾ غلام نه هجن ها ته يوناني علم ادب، فلاسافي، موسيقي، سنگتراشي ۽ مصوري ۾ ايڏي ترقي ڪري سگهن ها؟

جاگيردارانه سماج ۾ هارين ۽ پورهيتن کي کهڙي طرح سان وساري سگهجي ٿو جن پنهنجن محنتن سان هڪ طبقي کي اهو موقعو فراهم ڪيو ته اهي پنهنجن صلاحيتن کي سماجي ترقي لاءِ استعمال ڪري سگهن. اهو انهن فردن جي محنتن جو ڏي نتيجو هو جو مذهبي ادارن کي جيڪي زمينون وقف ڪيون ويون انهن مان آمدني حاصل ڪري هنن پنهنجو وقت لکڻ پڙهڻ ۾ گذاريو ۽ بادشاهن، جاگيردارن ۽ اميرن پنهنجي وڏيل آمدنيءَ جي سهاري اديبن، شاعرن، موسيقارن ۽ چترڪارن جي پرورش ڪئي. صنعتي دؤر ۾ پڻ انهن هزارن مزورن ۽ محنت ڪندڙن جي قربانين کي ڪيئن ٿو وساري سگهجي جن شهر جي غليظ ۽ گندين آبادين ۾ رهي ڪري ارڙنهن ارڙنهن ڪلاڪ ڪم ڪيو ۽ صنعتي ترقي ۾ ڀرپور حصو ورتو.

هڪ جاءِ تي فريڊرڪ اينگلز لکيو آهي ته ”تاريخ جي ديوي سڀ کان وڏيڪ ظالم آهي ان جي فتح جو

جلوس لاشن ڏيرن جي متان لنگهندو آهي، صرف جنگ
جي موقعي تي ٿي نه، پر پرامن اقتصادي ترقي جي
زماني ۾ پڻ."

تاريخ ۾ شخصيتن جي اهميت آهي، پر شخصيتون
انفرادي طور تاريخ ساز نه ٿينديون آهن، حالتون انهن
کي اهڙو بنائينديون آهن ۽ پوءِ وري هو حالتن کي
ڏاهي سماج جي تشڪيل ۾ حصو وٺنديون آهن.

# تاريخ ۽ تبديلي

تاريخ جي اڀياس کان پوءِ اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته انساني سماج وقت به وقت تبديل ٿيندو رهندو آهي ۽ هڪ درجي کان ٻئي درجي ڏانهن وڌندو رهندو آهي. جن سماجن اهڙين تبديلين جي عمل کي جلد قبول ڪيو اتي ترقي جي رفتار تيز رهي ۽ جتي اهڙين تبديلين بابت رد عمل مخالف رهيو. اهي سماج هڪ هنڌ ڄمي بيٺا ۽ سندن ترقي جي رفتار بيهي ويئي. تبديلي جي ان تاريخي عمل ۾ ڪجهه سماج ترقي ڪندا اڳتي هليا ڪجهه سستي جو رويو اختيار ڪندي تمام آهستي انهي عمل مان گذريا ۽ ڪجهه بلڪل تڏا تي ختم ٿي رهجي ويا.

سماج ۾ تبديلي اوچتو نه ايندي آهي، پر ان جا جيوڙا آهستي آهستي ۽ خاموشي سان اندر ئي اندر پلجندا رهندا آهن. اهي ماڻهو جيڪي شروعات ۾ ئي سماج جي مضبوط ۽ مستحڪم روايتن کي ٽوڙڻ چاهيندا آهن، اهي سماج ۾ تبديلي جا خواهان هوندا آهن، ته انهن کي ان ڳالهه کان وڌيڪ قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن، ڇو ته سماج مجموعي طور تي پراڻين ريتن ۽ قدرن کان جدا ٿيڻ نه چاهيندو آهي ۽ ريتن رسمن، رواجن ۽ قدرن

عظيم شخصيتون پنهنجن خيالن کي عملي حامي ڀرائڻ يا عمل ۾ آڻڻ کان ڀرئين ئي موت جو شڪار ٿي ويون ۽ نه ڄاڻ ڪيترائي خيال، فڪر وڌڻ ۽ ويجهڻ بجاءِ ڀرين ئي ختم ٿي وياه اڄ نه ته اهڙن اهڙين شخصيتن جي ٿالن کان واقف آهيون ۽ نه ئي سندن خيالن کان.

مثال طور: قديم هندستان ۾ شاروڪ فلاسفرن پنهنجي دور جي مذهبي ۽ فڪري نظام جي خلاف آواز اٿاريو ته سندن خيالن کي سختي سان ڪچليو ويو. اڄ جيڪڏهن هندن باري ۾ ڪجهه معلومات ملي ٿي ته اها صرف سندن مخالفن جي ڪتابن ۾ اعتراضن جي صورت ۾ موجود آهي. يورپ ۾ عمل ۽ ادب، سائنس فلسفي ۽ مذهب ۾ هر نئين خيال ۽ فڪر کي سختي سان ختم ڪيو ويو ۽ سائنسدانن، عالمن ۽ دانشورن کي خوف، دهشت ۽ اذيتن ذريعي نون خيالن کي پيش ڪرڻ کان روڪيو. اسلامي سماج ۾ روشن خيالي جي هر تحريڪ کي جاني و مزوڪ جا ڀوڻلڳ ۽ زنديق چئي ڪچليو ويو. تبديلي جي خلاف اهڙي رد عمل تاريخ جي وهڪري ۽ رستي کي ڪنهن حد تائين روڪيو جنهنجي ڪري انساني تهذيب ۽ تمدن ۾ زبردست رڪاوٽ پيدا ٿي تاريخي عمل جي رفتار آهستي ٿي وئي.

سماج ۾ تبديلي ان وقت ايندي آهي جڏهن سماج

جو ذهن اجتماعي طور تي تبديل ٿيڻ لاءِ تيار ڪجي، ان کان پوءِ اهي ئي شخصيتون ڪامياب ٿينديون آهن، جيڪي سازگار ماحول ۾ پيدا ٿينديون آهن ۽ سماج انهن جي خيالن کان متاثر ٿي عمل ڪري، ورنه تيز ڪندو آهي. ڪاميابي جو دارومدار حالتن جي سازگار هجڻ تي ٿيندو آهي ته جيئن ڪير سازگار ماحول ۾ پيدا ٿيو ۽ ڪامياب ٿيو ۽ ڪير ناسازگار ماحول ۾ پيدا ٿيو، قرباني ڏيڻي پئي پر پوءِ به ناڪام ٿيو. آخري درجي ۾ ڪامياب ٿيڻ وارن جي فتح ۾ هزارين ماڻهن جون قربانيون ۽ جدوجهد شامل هونديون آهن. انهي لاءِ تاريخ جو اهو ڪم آهي ته اها اهڙي تسلسل کي برقرار رکي ۽ واقعن کي وچولي يا آخري درجي کان شروع ڪري ته جيئن ڪاميابي جو سهرو اهڙين شخصيتن جي مٿان نه رکجي جن پوئين جي ڪوشش ۽ جدوجهد جي نتيجي ۾ عين وقت سازگار ماحول حاصل ڪيو ۽ ڪامياب ٿيا.

مثال طور:- روسي انقلاب جي ڪاميابي جو سهرو صرف لينن ۽ ان جي ساٿين سان منسوب نٿو ڪري سگهجي ڇو ته ان جي پس منظر ۾ آزادي جون اهي سڀ تحريڪون شامل هيون جن زار جي خلاف مسلسل بغاوتون ڪري عوام کي جهنجهوڙي سجاڳ ڪيو. اهڙي ريت جو ١٨١٧ع ۾ روس انقلاب لاءِ تيار ٿي ويو. تاريخ جا صفحا انهن فردن جي رت سان رنگيل

آهن، جن سماج جي بهتري لاءِ قربانيون ڏنيون، پر ڪامياب ٿي نه سگهيا. تاريخ جي اها هڪ ستم ظريفي آهي ته جن ماڻهن ۾ فردن اصول، مقصد ۽ حق خاطر جانيون ڏنيون، مگر ڪامياب ٿي نه سگهيا. انهن لاءِ سنڌس صفحن ۾ ڪا جاءِ ڪانهي. اهي ماڻهو خاموشي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪري گمنامي واري حالت ۾ روپوش ٿي ويا.

# تاريخ ۽ ترقي

تاريخ جو مطالعو انهيءَ ڳالهه جي نشاندهي ٿو ڪري ته سڄي انساني معاشرن جي ترقي هڪ ئي نموني يا برابري سان نه ٿي آهي. دنيا جي هڪ حصي ۾ تهذيب ۽ تمدن ترقي جي چوٽيءَ تي وڃي پهتي ته ٻين حصن ۾ معاشرا تمام آهستگيءَ سان تمدن جي مرحلن مان گذريا. ترقيءَ جي انهيءَ غير برابري واري عمل سببان قومون تهذيب يافته ۽ وحشي، طاقتور ۽ ڪمزور، اتم ۽ گهٽ، مهذب ۽ غير مهذب حصن ۾ ورهائجي ويون جيڪي معاشرا نظرين، فڪر ۽ تخليق جي ميدان ۾ اڳڀرو رهيا انهن ٻين معاشرن کي پنهنجن بهتر هٿيارن جي مدد سان زير ڪري پنهنجو غلام بڻايو.

مثال طور: آمريڪا ۽ آسٽريليا جي سماجن جي اها بدقسمتي هئي ته اها تاريخ جي تسلسل ۽ ترقيءَ جي وهڪري کان پري ۽ الڳ رهيا انهيءَ سببان ترقيءَ جي انهيءَ منزل تي پهچي نه سگهيا، جنهن کي پراڻي دنيا جون قومون پهتل هيون. جڏهن انهن جو مقابلو انهن قومن سان ٿيو ته انهن انهيءَ ويڙهه ۾ پاڻ کي بي يارو مددگار ڏٺو. سندن سڌو سادو ذهن، انهن جا معمولي هٿيار ۽ انهن جي پرامن زندگي سندن لاءِ تباهي

معاشري جي ترقي ۽ تباهيءَ جي پس منظر ۾ به سبب ڪم ڪن ٿا. لاڳيتو تبديلي وار ڦيرو معاشريءَ کي چرپر ۾ رکي ٿو. جڏهن ته تبديلي کان انڪار معاشري کي بي جان ۽ پٿر بڻائي ڇڏي ٿو. اهڙو معاشرو آڏوهي ڪاڏل ڪاٺيءَ وانگيان ٿئي ٿو، جيڪو ٿوري ضرب سان ٽٽي پوي ٿو. جاگرافيائي حالتن به انساني معاشري جي غير برابري واري ترقيءَ ۾ برابر جو حصو رکيو آهي. ان جو مثال آمريڪا ۽ آسٽريليا مان ڏئي سگهجي ٿو، جيڪي باقي دنيا کان ڪٽجي الڳ ٿي ترقي جي عمل ۾ پراڻي دنيا کان پٺتي رهجي ويا.

مختلف انساني معاشرا مختلف جاگرافيائي ماحول ۽ حالتن هيٺ اسريا. انهيءَ سببان هر معاشري جي ذهنيت جي الڳ الڳ نموني اوسر ٿي ۽ هر معاشري پنهنجون جدا جدا روايتون، قدر رسم ۽ رواج تخليق ڪيا. انهيءَ جداگانه ذهنيت ۽ ثقافت سببان هڪ معاشري لاءِ ٻئي معاشري کي سمجهڻ ڏکيو ٿي پيو. جڏهن يورپي آمريڪا ويا ته کين اتي جي معاشري کي سمجهڻ ۾ وڏي تڪليف ٿي، ڇاڪاڻ ته اتي نه تہ پئسو هئو نه واپاري نه امير ۽ غريب جو فرق ۽ نه ئي قيمتي ڌاتن جو قدر. انهيءَ بيگانگي ۽ غير واقفيت جو نتيجو اهو

نڪتو جو ٻنهي معاشرن جي وچ ۾ صلح سانت جا رستا بند ٿي ويا ۽ يورپي ڪين جاهل ۽ غير مهذب سمجهڻ لڳا. انساني معاشرن جي تهذيبي ۽ ثقافتي اوڀرائپ انهن کي هڪ ٻئي کان پري ڪري ٿي ۽ اهو ويڇو مهذب ۽ غير مهذب، ترقي يافته ۽ ترقي پذير جي تصورن کي جنم ڏئي برتري ۽ ڪمتري جو احساس برقرار رکي ٿو.

# تاريخ ۽ تقدير

تاريخ جو ابياس ماڻهو جي ذهن ۾ هي سوال ٿو پيدا ڪري ته ڇا انساني عمل آزاد ۽ خود مختيار آهي يا مجبور؟ جيڪڏهن اهو آزاد آهي ته انسان پنهنجي مرضي سان تاريخ جي جوڙجڪ ڪري سگهي ٿو، پر جيڪڏهن اهو مجبور آهي ته تاريخي جوڙجڪ ۾ هن جو ڪو حصو نه آهي ۽ انسان تاريخ هٿ جي وس آهي. مارڪس تاريخ ۾ انسان جي ڪردار، سندس عمل جي آزادي ۽ مجبوري جو ذڪر هڪ هنڌ تمام چٽي نموني ڪيو آهي. ”انسان پنهنجي تاريخ پاڻ ٺاهي ٿو پر پنهنجي مرضي سان نه.“

انهي جي روشني ۾ اسان انسان ۽ تاريخي عمل کي ڏسندا سين ته انهي نتيجي تي پهچندا سين ته ماڻهو اهڙين صلاحيتن جو مالڪ آهي جنهن جي مدد سان هن فطرت کي شڪست ڏيئي، فتح ڪري، قدرتي وسيلن کي فائدي لاءِ ڪم آندو. انسان ۽ فطرت جي اها ويڙهه آهستي آهستي شروع ٿي ۽ انهي ۾ ماڻهو جي فتح به آهستي آهستي ٿي. ايئن ڪونهي جو هن هڪ ئي ڌڪ ۾ فطرت کي شڪست ڏيئي مٿس قبضو ڪري ورتو يا ڪنهن هڪ ئي ڏاڪي تي هو فطرت جي مڙني رازن کان واقف ٿي ويو هجي يا هڪدم فطرت جي سڀني خزانن ۽ وسيلن تي قابض ٿي ويو هجي، اهو عمل ڏاڪي به ڏاڪي، درجي به درجي اڳتي وڌيو. انسان

پنهنجين صلاحيتن کي هڪ هڪ ڪري عمل ۾ آندو ۽ فطرت سان مقابلو ڪندو ويو، جنهن سان خبر پوي ٿي ته انساني صلاحيتن ۾ ارتقائي طور واڌارو ٿيو، جيئن جيئن سندس صلاحيتون وڌنديون ويون، تيئن تيئن فطرت تي قابض ٿيندو ويو.

مارڪس اڳتي هلي انهي ڳالهه طرف اشارو ڪري ٿو ته انسان انهي ڳالهه ۾ آزاد ته آهي ته ڪو هو پيداواري ذريعن ۽ پيداواري لاڳاپن کي پنهنجي مرضي سان تبديل ڪري يا انهن کي هڪ جڳهه يا ماڳ تي برقرار رکي. پيداواري وسيلا ۽ لاڳاپا پنهنجي عمل ۽ رفتار ۾ آزاد آهن ۽ لاڳاتار ڏاڪي به ڏاڪي تبديل ٿيندا رهن ٿا.

انهن جي تبديلي سان گڏوگڏ انساني معاشرو به تبديل ٿيندو رهي ٿو. انهي ڪري انساني عمل سان پيداواري وسيلا بهتر ٿين ٿا ۽ انهي عمل ۾ انسان آزاد آهي، پر پيداواري وسيلن ۽ لاڳاپن سبب جيڪي تبديليون اچن ٿيون، انهي عمل ۾ انسان مجبور آهي. انهي ڪري هڪ طرف ماڻهو آزاد آهي، پنهنجي تاريخ پاڻ ٺاهي ٿو ۽ پنهنجي عمل سان تاريخ جوڙي ٿو، پر ٻي پاسي پيداواري وسيلا سندس عمل کي پنهنجي مرضي مطابق شڪل ڏين ٿا. انهي ڪري چئي سگهجي ٿو ته انسان آزاد به آهي ۽ مجبور به.

# ٿاريخ ۽ سازش

ٿاريخ ۾ سازش وسيلي تبديليون ايندين رهيون آهن، بادشاهي دور ۾ ته انهي قسم جون سازشون عام هيون، جڏهن به ڪنهن تخت جي دعويدار پنهنجي حمايتين جي مدد سان حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ته ڇڻ پنهنجي ذاتي اقتدار جي راهه هموار ڪئي. ايشيا ۽ آفريڪا ۾ يورپي نو آبادين جي خاتمي کان پوءِ سازش ذريعي فوجي انقلاب اچڻ لڳا ۽ شخصي حڪومتن ۽ آمريت جي بنيادن کي مضبوط ڪيو ويو. انهي ڪري ذهن ۾ سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا سازش ذريعي سماج ۾ تبديلي آڻي سگهجي ٿي؟

سازش ذريعي ايندڙ تبديليون ڪڏهن به معاشري تي چڱا اثر پيدا نه ڪري سگهيون، ڇاڪاڻ ته سازش تنگ ۽ محدود دائري ۾ گهيريل ٿئي ٿي ۽ منجهس اعتماد جي کوٽ ٿئي ٿي. انهي ڪري معاشري جي اڪثريت کي پاڻ سان گڏ وٺي نٿي هلي سگهي. انهي جي بنياد شڪ، وسوسي ۽ ڊپ تي ٿين ٿا. گهٽو ڪري سازش جو رڳو ٿورو ظاهر ٿيڻ به سازش جي اوچي کان اوچي عمارت کي ڪيرايو پٽ ڪري ڇڏي ٿو. جيڪڏهن سازش ذريعي ڪاميابي حاصل به ڪري وٺجي ته ڏهن به

انهي جي حامي اقليت کي اڪثريت ڪمان دٻ، شڪ ۽ وسوسو رهي ٿو. نتيجو اهو ٿو نڪري، اهي پنهنجي ڪاميابي جو بنياد قوت ۽ طاقت، خوف ۽ دهشت تي رکن ٿا. معمولي شڪ تي قتل، قيد بند جهڙيون سختيون ۽ عذاب، اهي ئي اهي هٿيار هجن ٿا جن سان سازش پنهنجن مخالفن کي ختم ڪري ٿي.

سماج جي اڪثريت جو رد عمل به سازش وسيلي ايندڙ تبديلين طرف شڪ ۽ وسوسي وارو ٿئي ٿو. ڇاهي ڪين پنهنجي طرفان نه پر ٻين قوتن جو هٿ ناٽ سمجهن ٿا. انهي ڪري منجهن ۽ معاشري جي اڪثريت وچ ۾ ويڇو دوري وڌندي وڃي ٿي ۽ سواءِ ٿورن موقع پرستن جي سماج انهن جي خيالن ۽ نظرين کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه ٿو ٿئي.

ليئنن انهي پس منظر کي ذهن ۾ رکي اها ڳالهه چئي هئي ته عوامي انقلاب ڪڏهن به سازش ذريعي ڪو نه ٿو آڻي سگهجي. ڇاڪاڻ ته عوامي انقلاب، عوامي شعور سان پيدا ٿئي ٿو، انهي ڪري جيستائين معاشري جي اڪثريت کي ذهني طور تيار نٿو ڪجي ايستائين ڪابه سياسي، سماجي، معاشي ۽ معاشرتي تبديلي ديرپا اثر پيدا نٿي ڪري سگهي.

تاريخ ۾ اهڙين سازشن جا تفصيل آهن جن سماج تي نقصانڪار اثر وڌا ۽ تاريخي عمل ۾ رڪاوٽون پيدا ڪيون. تاريخ ۾ انهيءَ تحريڪ سماج ۾ انقلابي تبديليون آنديون ۽ چڱا اثر پيدا ڪيا، جيڪي اونده ۾ ٿورن مالڪن جي وس ته رهيون پر جن چڱي نموني اڪثريت کي پنهنجي خوال ۽ فڪر کان متاثر ڪيو ۽ انهن جي سمجهه کي وڌايو.

# تاريخ ۾ "جبڪڏهن" ۽ "پر"

تاريخ جي حوالي بابت انهن واقعن مان ٿئي ٿي جيڪي جنم وٺي چڪا هجن ۽ هاڻي انهن واقعن کي ڦيرائي نٿو سگهجي يا جيستائين مورخ ڪوڙ نه ڳالهائي يا انهن کي مسخ نه ڪري. جڏهن تاريخ ۾ ٿيندڙ واقعن جو ذڪر ڪجي ٿو ته مورخ انهن واقعن پٺيان موجود سببن جو تجزيو ڪري انهن جي اصل حقيقت سامهون آڻي ٿو ته جيئن ماڻهن جو شعور ماضي جي تجربن جي روشني ۾ پختو ٿئي انهن ۾ تاريخ سمجهڻ جي سگهه پيدا ٿئي.

تاريخ جي مدد سان نه ته اسين ايندڙ واقعن جي صحيح پيشنگوئي ڪري سگهون ٿا ۽ نه نئين واقعن جي رفتار ۽ انهن جي منزل جي مقرر ڪري سگهون ٿا، پر تاريخ جي مطالعي مان ذهن کي جيڪا وسعت ملي ٿي انهي جي مدد سان مخصوص نمونا جوڙجڪ ڪري سگهجي ٿي.

انهي ڪري مورخ کي تاريخي واقعن جي وضاحت ۽ ڇنڊڇاڻ، سمجهاڻي پيش ڪرڻ وقت انهي ڳالهه جو خيال رکڻ گهرجي ته تاريخ جو تجزيو حقيقت تي ٻڌل هجي ۽ واقعن کي غلط نمونا پيش ڪرڻ ڪٿي ذهنن کي منجهائي ۾ اٽڪائي نه ڇڏي.

پروفيسر اي. ايچ. ڪار هڪ جڳهه انهي قسم جي تاريخي سمجهاڻين بابت لکيو آهي ته اڪثر مؤرخ تاريخ ۾ ”جيڪڏهن هئين ته ٿئي ها ته تاريخ جو رخ بدلجي ها“ يا ”جيڪڏهن هئين ٿئي ها ته نتيجا مختلف نڪرن ها.“ انهي قسم جا خيال اڪثر شڪست کاڌل سماجن ۽ قومن ۾ پيدا ٿين ٿا، جيئن جڏهن يونانين، رومين کان شڪست کاڌي ته انهي موقعي تي مصنفين اهو بحث شروع ڪيو ته سڪندر جيڪڏهن جواني ۾ نه مري ها ته روم فتح ڪري وٺي ها.

تاريخ جي اها تعبير اسان پنهنجي معاشري ۾ به ڏسون ٿا، جيستائين مسلمانن کي هندستان ۾ ڪاميابي حاصل ٿيندي رهي ۽ اهي فتحن ذريعي پنهنجي سلطنت وڌائيندا رهيا، ته ان وقت تائين ڪنهن به مؤرخ اهو سوال نه اٿاريو ته جيڪڏهن بابر کي کنواه جي جنگ ۾ شڪست ملي ها ته پوءِ ڇا ٿئي ها؟ يا جيڪڏهن هلدي گهاٽ جي جنگ ۾ مغلن کي ناڪامي ٿئي ها ته تاريخ جو رخ ڪهڙو هجي ها؟ ڪاميابي ۽ فتحن جي دور ۾ مؤرخ انهن سوالن تي بحث ڪو نه ٿو ڪري ڇاڪاڻ ته واقعا ۽ نتيجا سندس مرضي پٽاندڙ هجن ٿا، پر زوال جي زماني ۾ جڏهن ناڪامي ٿئي ٿي ۽ نتيجا مرضي پٽاندڙ نٿا نڪرن، ته ان وقت مورخ جيڪڏهن ۽ پر سان واقعن کي پنهنجي مرضي مطابق جوڙي ٿو ۽ پنهنجي خيال جي مدد سان تاريخ کي

پنهنجي مرضي مطابق شڪل ڏيڻ چاهي ٿو.

تاريخ ۾ انهي قسم جي بحث جو نقصان هي ٿو ٿئي ته ناڪامي ۽ زوال جو تجزيو ڪرڻ بجاء مؤرخ فرضي دنيا ۾ هلو ٿو وڃي ۽ واقعن جي تشريح پنهنجن خيال پٽاندڙ ڪري ٿو، جيڪا پڙهندڙ کي تاريخ جي سمجھ کان پري ٿي رکي.

# زباني ۽ لکيل تاريخ

ابتدائي تاريخي سرمايو زباني روايتن تي مبني هوندو هو. ماڻهو، اهم واقعا ۽ حادثا ياد ڪري ڇڏيندا هئا ۽ انهن واقعن ۽ حادثن مطابق وقت يـا مدت جو تعين ڪري سگهندا هئا. زباني روايتن، قصن ۽ ڪهاڻين جي خرابي اها هئي ته بعد ۾ ايندڙ نسلن ۾ انهن جي سچائي گهٽ ۽ مبالغ آرائي وڌيڪ ڏسڻ ۾ ايندي هئي ۽ هر نسل پنهنجن خواهشن ۽ جذبن ۽ امنگن کي انهن ۾ داخل ڪري حقيقت ۽ ماهيت کي بدلائي ڇڏيندو هو. انهي لاءِ اهو ڇيو ويندو آهي ته ٿن نسلن کان پوءِ زبانـي روايتن ۾ سچائي گهٽ ۽ اضافو وڌي ويندو هو. صرف زباني روايتن سان تاريخ کي مڪمل طور تي مخصوص نٿو رکي سگهجي ڇو ته وقت سان گڏوگڏ واقعا وسري وڃن ٿا ۽ اڪثر واقعن کي اڪيلي پوئتي ڪري ڇڏيو وڃي ٿو. زباني روايتن مطابق واقعن کي سن ۽ تاريخ کان سواءِ پيش ڪيو وڃي ٿـو. ان ڪري بـه تاريخ محفوظ رهـي نٿي سگهي. صرف اهي واقعا بـه جيڪي سن ۽ تاريخ سان بيان ڪيا وڃن تاريخ جي دائري ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا. لکيل تاريخ جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ ايشيا ۽ يورپ ۾ رواج هو تـه حڪمران ۽

طرح ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن هزارن مزدورن محنت ڪشن ۽ هارين جي جدوجهد کي منظر عام تي آندو وڃي جن پنهنجن حقن جي لاءِ پنهنجيون جانيون قربان ڪيون ۽ جن جي محنت سان ملڪ زرعي، صنعتي ۽ فني ترقي ڪئي.

جديد زماني ۾ لکيل تاريخ سان گڏوگڏ زباني تاريخ جي اهميت پڻ انهي لاءِ اچان وڌي ويئي آهي جو جن ملڪن ۾ شخصي حڪومتون اڃان به قائم آهن ۽ جتي مؤرخ ڏپ ۽ خوف کان عوام جي جدوجهد کي لکت ۾ محفوظ نٿا ڪري سگهن ته زباني روايتن ذريعي تاريخ جا اهي حصا عوام جي سيني ۾ محفوظ رهن ٿا ۽ اهو ايندڙ مؤرخن جو ڪم آهي ته انهن زباني روايتن کي لکت ۾ آڻي تاريخ کي هڪ شڪل ڏيئي مڪمل ڪن.

# تاريخ ۽ گردش جا نظريا

انسان جو فطرت سان ڳوڙهو تعلق رهيو آهي، انهيءَ تعلق سببان هن فطرت کان گهڻو ڪجهه سکيو آهي، موسمن جي تبديلي سرءُ ۽ ان کان پوءِ بهار جو اچڻ، سج جو اڀرڻ ۽ لهڻ، چنڊ جو آهستي آهستي وڌڻ، پورو ٿيڻ ۽ پوءِ وري آهستي آهستي گهٽجڻ، رات جي اونداهي جو ختم ٿيڻ ۽ صبح جو ظاهر ٿيڻ ۽ وري خود انسان جي زندگيءَ ۾ پيدائش ۽ موت جو چڪر، انهن سڀني ڳالهين کيس گردش جي نظريي کان واقفيت ڪرايو. جڏهن ماڻهوءَ تاريخي واقعن کي حافظي ۾ محفوظ ڪرڻ شروع ڪيو ته هن محسوس ڪيو ته ڪجهه واقعا ۽ حادثا اهڙا آهن، جيڪي وري وري ٿيندا ٿا رهن. بادشاهتون ۽ حڪومتون پيدا ٿين ٿيون ۽ پوءِ ختم ٿيو وڃن، قومون، تهذيبون ۽ ثقافتون لاهن چاڙهن مان گذرن ٿيون. انهيءَ ڪري هن گردش جي انهيءَ نظريي تي تاريخ ۾ ڪنهن اهڙي منصوبي جي ڳولا شروع ڪئي، جنهن جي بنياد تي هو تاريخ ۾ وري وري ٿيندڙ واقعن جو تعبير ۽ تفسير پيش ڪري سگهي.

گردش جي انهيءَ نظريي کي ٻن، ٽن، چئن يا ان

آخرڪار وچيو موت جي هنج ۾ پوي. انهيءَ ڪري پيدائش ۽ موت اهو ڦيرو آهي، جنهن جي دائري ۾ سلطنتون ۽ حڪومتون ڦرنديون ٿيون رهن.

ابن خلدون کان پوءِ اٽليءَ جي هڪ مفڪر ويچو (Vico) گردش جي نظرئي کي نئين نموني پيش ڪيو. هن چيو ته انساني معاشري جو بنياد ۽ ان جو پورو ڍانچو انسان جو پنهنجو جوڙيل آهي، اهو انهيءَ ڪري شروع ڪيو جڏهن ڪجهه به نه هئو، انهيءَ ڪري معاشري جي جوڙ جڪ، تنظيم ۽ ترتيب جا تمام حصا انسان جي ذهن ۾ لڪل آهن، انهيءَ کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته انساني ذهن کي سمجهيو وڃي.

انهيءَ کان پوءِ ويچوءَ انساني تاريخ ۾ مختلف سماجن جي تاريخ جو جائزو ورتو آهي ۽ انهن دورن تجزيو ڪيو آهي جنهن مان اهي سماج گذريا.

١- ديوتائن جو زمانو.

٢- عظيم انسانن (Heroes) جو زمانو.

٣- عام انسانن جو زمانو.

جڏهن هن انهن عظيم ۽ مافوق الفطرت شخصيتن کان ڇوٽڪارو پاتو پاڻ تي اعتماد ڪرڻ شروع ڪيو. تاريخ ۾ دؤرن جي ورهاست مان هڪ ڳالهه چٽي ٿي سامهون اچي ٿي ته انساني معاشرو انهيءَ عمل دوران انتشار کان تنظيم طرف ۽ وحشاني بربريت کان عقل ۽ تهذيب طرف وڌيو ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ صنعت زراعت ٿي، نثر شاعري ٿي ۽

امن جنگ تي فوقيت حاصل ڪري ٿو، جڏهن ڪوبه معاشرو انهيءَ ڦيري کي پورو ڪري ٿو ونئي تہ ان جو نئون دؤر وري وحشت جي دؤر کان شروع ٿئي ٿو. ويچوءَ جي گردش جي نظرئي ۾ تاريخ سڌي نموني انهيءَ مقرر ڪيل درجن ۾ پنهنجو پاڻ کي نئين دهرائي پر اها تبديلي ڦيري دار (Spiral) ٿئي ٿي، انهيءَ ڪري تاريخ پنهنجو پاڻ کي اڳئين شڪل ۾ نئين دهرائي پر هر گردش ۾ سنڌس رستو ۽ رفتار مختلف هجي ٿي ۽ هر دفعي اها هڪ نئين قوت سان پنهنجو سفر شروع ڪري ٿي.

۱۹ صديءَ جي هڪ روسي مفڪر وينيلوسڪي تاريخ ۾ گردش جي نظرئي کي هڪ نئين انداز ۾ پيش ڪيو. هو انساني تهذيب ۽ تمدن جي لاهن چاڙهن کي انساني زندگيءَ سان ڀيٽي ٿو جيڪا پيدائش کان وٺي ڏاڪي بہ ڏاڪي وڌي ٿي ۽ آخر ۾ يقيني طور ختم ٿي وڃي ٿي، هر تمدن جي زندگيءَ ۾ ٽي دؤر هجن ٿا، پهريون جڏهن تمدن جوڙ جڪ جي عمل ۾ هجي ٿي ۽ هڪ منظم شڪل اختيار ڪري وٺي ٿي. ٻيو دؤر تمدن جو وڌڻ دؤر هجي ٿو، جنهن ۾ ثقافت ۽ سياست جي شروعات ٿئي ٿي ۽ معاشرو پنهنجون تخليقي صلاحيتن جي مدد سان عروج تي پهچي ٿو، پر اهو شباب جو دؤر ٽيئي کان مختصر هجي ٿو ۽ انهيءَ دور ۾ تهذيب ۽ تمدن معاشري جي سڀني صلاحيتن کي پيڙي ختم ڪري ٿي ڇڏي.

پر جنگ انهن سڀني خيالن کي ٽوڙي ڦوڙي ڇڏيو ۽ مغرب وارن اڳيان اها تلخ حقيقت سامهون آئي ته مغربي تهذيب انهيءَ زوال سان منهن مقابل آهي، جنهن جو شڪار قديم تهذيبون ٿي چڪيون آهن. انهيءَ ڪري ٽائن بي افسوس ۽ مايوسي جي ماحول ۾ انهيءَ ڳالهه جي ڪوشش ڪئي ته دنيا جي تهذيب جي اڀياس کان پوءِ ڪو رستو ڳولي ڪڍي جنهن ذريعي مغربي تهذيب کي بچائي سگهجي. سندس گردش جي نظريئي ۾ حياتياتي (Biological) ۽ نامياتي (Organic) ارتقا ۽ عيسائي نقطه نظر شامل آهن. سندس نظريئي جو بنياد انهيءَ ڳالهه تي آهي ته خدا تاريخ جوڙڻ وارو آهي. جڏهن اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته خدا تاريخ کي ڪهڙي مقصد تحت جوڙيو آهي؟ ته ان جو جواب ٽائن بي وٽ هن طرح آهي ته اهو ڄاڻڻ اسان جي وس ۾ ناهي ۽ ان جو هڪ ئي رستو آهي ۽ اهو آهي تصوف ۽ وجد جنهن جي وسيلي ئي هن ڪائنات جي تخليق جو مقصد ڄاڻي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته خدا تاريخ انسانن وسيلي جوڙي آهي. انهيءَ ڪري انسان کي سمجهي خدا جي منصوبي کي به سمجهي سگهجي ٿو. ٽائن بي دنيا جي تهذيبن کي ٽن درجن ۾ ورهائي ٿو.

١– اهي تهذيبون جيڪي پنهنجي شروعاتي دور ۾ ئي ختم ٿي ويون.

٢– اهي تهذيبون جيڪي هڪ ڏاڪي تي پهچي.

بيٺي رهيون.

٣- اهي تهذيبون جيڪي درجي بہ درجي، ڏاڪي بہ ڏاڪي، وڌيون ويجهيون ۽ ترقيءَ ڪان پوءِ ختم ٿي ويون. ٽائن بي (Toyanbee) انهيءَ ڳالهہ جي نشاندهي ڪري ٿو تہ تهذيب جي ترقيءَ ۽ انهيءَ جي عروج ۾ چئلينج ۽ ان جي جواب جو هٿ هجي ٿو. جيڪا تهذيب زميني ۽ آسماني، سماجي ۽ معاشي ۽ سائنسي ۽ فني مسئلن جو مؤثر جواب نٿي ڏئي سگهي تہ اهڙي تهذيب ختم ٿي وڃي ٿي.

انهيءَ ڪان پوءِ تهذيب جي ترقي ۾ هو تخليقي شخصيتن کي اهميت ڏئي ٿو. اهڙيون عظيم شخصيتون صوفي، پير، پيغمبر، شاعر، جنرل، سياستدان، مؤرخ ۽ فلسفي هجن ٿا، جيڪي تهذيب کي تخليق ڪن ٿا، ان کي وڌائين ويجهائين ٿا، عوام جو ڪم رڳو پوئواري ڪرڻ هجي ٿو. تهذيب جي ترقي انهيءَ وقت رڪجي ٿي وڃي جڏهن تخليقي ٽورائي ۽ تخليقي شخصيت غلطي مٿان غلطي ڪري ٿي ۽ چئلينج جو ڪو مؤثر جواب نٿي ڏئي سگهي، جنهن جي نتيجي ۾ عوام پراڻي قدرن ۽ دولت جي پوئواري ڪرڻ لڳن ٿا. انهيءَ وقت تمدن پيچرن پيرڻ جي عمل سان منهن مقابل ٿئي ٿي. ڇا تهذيب کي انهيءَ مرحلي تي زوال ڪان روڪي سگهجي ٿو؟ انهيءَ جو جواب ٽائن بي هي ٿو ڏئي تہ جيڪڏهن فرقہبندي ۽ اختلاف ختم ٿي وڃن تہ انهيءَ صورت ۾ زوال جو

اڄ هر تهذيب ۾ هجن ٿا، اهي هڪ نئين تهذيب کي جنم ڏين ٿا.

اشپينگلر ۽ ٽائن بي وانگيان سوروڪن به مغربي تهذيب کي زوال پذير ڏسي ٿو. انهيءَ زوال جون نشانيون هي آهن ته معاهدا ۽ عهدناما پنهنجي طاقت وڃائي رهيا آهن، اخلاقي قدرن جي جڳهه سازش ۽ فريب وٺي رهيو آهي، اڪثريت لاءِ آزادي خواب بڻجي وئي آهي، جڏهن ته اقليت لاءِ اها آزادي بي لغام آهي. انهن حالتن ۾ آمرانه ذهن ۽ سازشي ماڻهو طاقت ۾ اچي رهيا آهن. جيڪڏهن اها صورتحال رهي ته عوام کي ماني جي جڳهه تي بارود ڏنو ويندو ۽ معاشرو ٽڪر ٽڪر ٿي ويندو. تاريخ ۾ گردش جي نظرين مايوسي ۽ نااميدي پيدا ڪئي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ گردش جي عمل ڪري هر تهذيب ۽ معاشري کي زوال مان گذرڻ لازمي ٿي پيو. اهي انساني تهذيب کي اهڙي چڪر ۽ گردش ۾ مبتلا ڪري ٿا ڇڏين جنهن ۾ ڇوٽڪاري جو ڪوبه رستو ناهي. انهيءَ ڪري گردش جي نظرين جي روشني ۾ انساني تهذيب ۽ تمدن جي ترقيءَ سمجهڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي ٿي.

# تاريخ ۽ ترقي جو نظريو

تاريخ ۾ گردش جي نظرئي انسان کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪيو ته ڇا انسان جو مقدر ئي اهو آهي ته هو هڪ ئي دائري ۾ ڦرندو رهي؟ ڇا اهو هڪ ڏکوئيندڙ عمل ناهي جو انسان پنهنجي ذهانت ۽ صلاحيتن جي باوجود مقدر جي مقرر ڪيل رستن جي چڪر ۾ ڦاٿو رهي ۽ ڪيس ڇوٽڪاري جو ڪو به رستو نه ملي؟ جيڪڏهن ماڻهو هڪ ئي دائري ۾ گردش ڪري رهيو آهي ته پوءِ انساني تهذيب جي واڌ ويجهه ۽ ترقيءَ کي ڪيئن سمجهجي؟

جيڪڏهن موت ۽ زندگي، عروج ۽ زوال، بلندي ۽ پستي جا اهي لاها چاڙها انساني عمل ۾ لوهي زنجيرون وجهي چڪا آهن ته پوءِ انسان جي سڄي محنت ۽ جدوجهد بي مطلب ٿي وڃي ٿي. تاريخ جي مطالعي مان اهو سوال به ذهن ۾ اچي ٿو ته ڇا انسان پاڻ کي تقدير جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي؟ يا اهو ته هن پاڻ کي تاريخ جي انهيءَ قيدي مان آزاد ڪرائي ورتو آهي ۽ لڳاتار ترقيءَ طرف وڌي رهيو آهي. جڏهن مؤرخن ۽ مفڪرن قديم آثارن ۽ تاريخي واقعن جي مدد سان ماضي جو اڀياس ڪرڻ شروع ڪيو ته کين انهيءَ ڳالهه جو احساس ٿيو ته ماڻهوءَ ماضي کان وٺي هيل تائين

لحظي بہ لحظي، درجي بہ درجي، ڏاڪي بہ ڏاڪي ارتقائي نموني ترقي ڪئي آهي، انساني تهذيب هڪ جڳهہ بيهي نہ رهي آهي، پر لڳاتار اڳتي وڌي رهي آهي. قومن جو عروج ۽ زوال برابر ٿيندو رهي ٿو، تهذيبون برابر اينديون ۽ وينديون رهن ٿيون ۽ معاشرا برابر ٺهندا ۽ ڊهندا رهن ٿا، پر انهن سڀن جي باوجود تاريخي عمل سدائين اڳتي طرف وڌي رهيو آهي. تاريخي واقعا هڪ زنجير وانگيان آهن جي هڪ ٻئي سان ملبل آهن ۽ ڳنڍجندا پيا وڃن.

ارتقا ۽ ترقي جي نظرين انسان کي اهو پيغام ڏنو تہ انسان رڳو مجبور ۽ تقدير هٿ قيد ناهي، پر اهو لڳاتار اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ انساني تهذيب ۽ تمدن سدائين ترقي جي رستي تي روان دوان آهي.

ارتقا ۽ ترقي جي نظرين جا بنياد جن خيالن تي رکيل آهن اُهي هن ريت آهي.

١- پهريون خيال هي آهي تہ هر معاشري جي بنيادي خاصيت تبديلي جو عنصر آهي. جڏهن اسان حال جو اڀياس ڪيون ٿا تہ انهيءَ ۾ ۽ ماضي ۾ وڏو فرق نظر اچي ٿو تنهنڪري اسان انهيءَ نتيجي تي پهچون ٿا تہ حال جو اهو فرق ماضي ۾ تبديلي سببان آيو آهي. انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ تاريخي عمل جو هڪ تمام اهم قانون ”تبديلي جو قانون“ آهي.“

٢- تبديلي معاشري جو هڪ فطري عمل آهي،

جيڪڏهن ڪنهن معاشري ۾ ماٺار آهي ته ان جو سبب حادثا ۽ غير معمولي واقعا هجن ٿا.

۳- معاشري جي تبديلي ۾ انساني صلاحيت ۽ قوتن جو هٿ هجي ٿو. تبديلي جي خواهش نه صرف انسان ۾ ٿئي ٿي، پر انسان جي جوڙيل ادارن ۾ به هجي ٿي، پر ان کان سواءِ ٻاهريان سبب به تبديلي جو ڪارڻ بڻجن ٿا. جيئن ٻيا معاشرا ۽ سندن ثقافتي اثر، پر ٻاهريان عنصر تبديلي جي رستي کي مقرر ڪري نٿا سگهن. اهي تبديليءَ جي رفتار تي اثر انداز ضرور ٿين ٿا، پوءِ تبديلي کي پنهنجي مرضيءَ مطابق قابو نٿا رکي سگهن.

۴- اها تبديلي جيڪا معاشري جي نوعيت، بناوٽ ۽ ڍڪياڻيءَ کي ئي بدلائي ڇڏي اها ڏاڪي به ڏاڪي ۽ آهستگي سان اچي ٿي.

۵- انساني معاشري ۾ تبديلي ڪنهن مقصد تحت ٿئي ٿي، مقصد مقرر ڪرڻ جو عنصر انساني فطرت ۾ لڪل ٿئي ٿو.

۶- معاشري جي تبديلي سادگيءَ کان پيچيدگي طرف وڃي وڃي ٿي، انهيءَ ۾ هميشه ڦهلاءُ هجي ٿو.

۷- تبديلي جا قانون هر زماني ۾ هر حالت ۾ هڪ ئي نموني سان عمل ڪن ٿا. ان جي مدد سان ڪنهن به معاشري جي تبديلي ۽ ارتقا جي عمل کي سمجهي سگهجي ٿو ۽ ان جي مدد سان تاريخ ۾ ڪنهن هڪ منصوبي کي کولهي سگهجي ٿو.

جڏهن اسان تاريخي عمل ۾ ارتقا جو لفظ استعمال ڪريون ٿا ته انهي مان مراد اهڙي ترقي هجي ٿي، جيڪا آهستي آهستي ۽ ترتيب سان ٿي هجي. جڏهن ته ترقي جو مطلب سڌارو يا ڪنهن شيء جو بهتر ٿيڻ هجي ٿو. ترقي هڪ اضافي تصور آهي ۽ اسان وٽ اهڙو ڪوبه ماڻ ڪونهي جنهن وسيلي اسان ڪنهن معاشري کي ترقي يافته ۽ غير ترقي يافته چئون.

ترقي جو نظريو ارڙهين صدي جي يورپي مفڪرن جي پيداوار آهي. جيڪو خاص حالت ۾ پيدا ٿيو. اهو آهو زمانو هو جڏهن يورپي معاشرو، سائنسي، فني ۽ اقتصادي طرح ترقي ڪري رهيو هو ۽ ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن کي پنهنجو غلام بڻائي رهيو هو. جڏهن يورپي سياحن ايشيا، آفريڪا ۽ آمريڪا جي معاشرن کي ڏٺو ته هنن يورپي تاريخ جي مدد سان يورپي معاشري جي شروعاتي دور ۽ انهن کي پاڻ ۾ ڀيٽي ڏٺو ۽ هڪجهڙايون ڳوليون. مثال طور آمريڪا جا ريڊ انڊين قبيلا انهيءَ وقت انهيءَ ڏاڪي تي هئا جتي شروعات ۾ يوناني ۽ رومي هئا. انهن جي عقيدن، روايتن ۽ ادارن جي هڪجهڙائي سندن ترقيءَ جي نظرئي کي اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ڏني.

ترقيءَ جي نظرئي کي سمجهڻ ۾ وڌيڪ ڏکيائي تڏهن پيش آئي جڏهن ڊيڪارٽ (Descartes) چيو ته خدا فطرت ۾ ڪجهه قانون جوڙيا آهن، تنهن ڪري جيڪو ڪجهه

به ٿئي ٿو اهو انهن قانونن سببان ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري دنيا جي ارتقا خدا جي جوڙيل قانونن مطابق ٿئي ٿي ۽ اهي قانون اڻ ٽر آهن. انهيءَ ڪري هڪجهڙا نتيجا هر دؤر ۾ هر جڳهه نڪرن ٿا. انهن قانونن کي عقل ۽ دليل ذريعي سمجهي سگهجي ٿو، پر جڏهن اهو ڏٺو ويو ته دنيا جي مختلف معاشرن ۾ ثقافت جا بنياد الڳ الڳ آهن ۽ ترقيءَ جي رفتار به مختلف آهي ته ان جو جواب هي ڏنو ويو ته هر معاشري ۽ ثقافت جو بنياد هڪ ئي آهي، پر فرق صرف "ترقي ڪيل" ۽ "ترقي ڪندڙ" ۾ آهي.

ترقي ڪيل ۽ ترقي ڪندڙ معاشرن جي فرق کي چٽو ڪرڻ لاءِ ترگوٽ (Turgot) انساني معاشري جا ڏاڪا مقرر ڪيا آهن مثال طور هو انساني معاشري ۽ ترقيءَ کي هن نموني بيان ڪري ٿو.

پهريون دور شڪاري سماج جو هجي ٿو، ان کانپوءِ دهقاني (Pastoral) ۽ ان کان پوءِ پوکيءَ جو دور اچي ٿو. يورپي معاشرو ان ڏاڪن مان گذري موجوده شڪل کي پهتو آهي پين معاشرن کي به انهن ڏاڪن مان گذرڻو پوندو. ١٨ صديءَ جي مفڪرن ۽ مؤرخن تاريخ کي انهيءَ نقطهٔ نظر سان ڏسڻ شروع ڪيو. انهيءَ مطالعي کان پوءِ کين مختلف انساني معاشرن ۾ هڪجهڙائيون نظر آيون، انهيءَ نقطهٔ نظر کان جيڪي تاريخون لکيون ويون آهن، انهن ۾ وحشي

دور کان وٺي تهذيب جي دور تائين تاريخ کي سلسليوار بيان ڪري انسان جي ارتقا ۽ ترقي کي ثابت ڪيو ويو آهي.

١٨ صديءَ جي مؤرخن جو نقطهءِ نظر هيءُ هو ته تاريخي واقعن جي پٺيان جو ڪجهه لڪيل ڇپيل آهي ان کي ٻاهر ڪڍڻ کپي ۽ انهيءَ ذريعي تاريخ جي روح کي کوليو وڃي. انهن تاريخ کي سن وار ترتيب سان لکڻ وارن کي حقارت سان ڏٺو ۽ تاريخ ۾ وقت ۽ عرصي کي مقرر ڪرڻ لاءِ سن وار ترتيب کي استعمال نه ڪيو، پر قومن جي علم ذريعي تاريخ کي مختلف درجن ۾ ورهايو ۽ انهن جا مختلف نالا رکيائون. مثال طور جهالت، غير ٻوڪيءَ ۽ غير يورپي ثقافت کان تعليم، ٻوڪي، واپاري ۽ يورپي ثقافت تائين يا آزاد جنسي تعلقاتن کان هڪ زال تائين ۽ ڪميون کان ذاتي ملڪيت تائين، فطرت جي پوڄا کان توحيد ۽ سادگيءَ کان پيچيدگيءَ تائين، وغيره وغيره.

جڏهن انسان تاريخ کي ارتقا ۽ ترقيءَ جي نقطهءِ نظر سان ڏسون ٿا ته انسان کي احساس ٿئي ٿو ته تاريخي عمل لڳاتار ارتقائي شڪل ۾ ترقيءَ طرف وڌي رهيو آهي، ترقيءَ جون ٻه شڪليون انسان کي تاريخ جي مطالعي سان چٽيون نظر اچن ٿيون.

پهريون انسان جو فطرت جي مقابلي ۾ فتحمند ۽ سوڀارو ٿيڻ، فطرت ۽ انسان جي درميان ڇڪتاڻ تاريخ

اُهستي ٿٺي رهيون آهن ۽ دنيا جي هر معاشري ۾ عوام ۾ عقل، سمجهه ۽ سجاڳي پيدا ٿي رهي آهي ۽ مٿيان طبقا پنهنجو اثر ۽ طاقت آهستي آهستي وڃائي رهيا آهن. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ عوام جون تحريڪون پنهنجن حقن ۽ عظمت لاءِ جنگ ڪري رهيون آهي. اِهو اُهو پهلو آهي جيڪو واضح ڪري ٿو تہ ترقي لڳاتار جاري آهي ۽ تاريخي عمل سدائين اڳتي وڌي رهيو آهي.

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑهندڙ نَسل (پَنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڑهندڙ، بَرندڙ ۽ پڑهندڙ، سُست ۽ پڑهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڑهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

ٻَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿئي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِنَ حسابَ سان اڄڪلهہ ٿي جاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۾ نتيجي طور سماجي ۾ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۾ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها ٿوڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪُرِ پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)